SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1974

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1974

اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1965 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1974
اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[4 سيپٽمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، ڇهين شيڊول جي آخر ۾ ايندڙ نوٽ کي "نوٽ 1" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو، پوءِ هيٺين ريت نوٽ 2 جو اضافو ڪيو ويندو:

"نوٽ: 2. ڪراچي ضلعي جي صورت ۾ جڏهن نوٽ 1 تحت "A" کان "Z" تائين سموري سيريز ختم ڪئي وئي آهي، اکرن جو نئون گروهه هيٺين ترتيب ۾ رجسٽريشن مارڪ طور استعمال ڪيو ويندو:

نجي ڪارن لاءِ KCC

جيپ لاءِ KCJ

اسٽيشن ويگنس ۽ ٻين ساڳئي قسم جي گاڏين لاءِ KCS

بسن لاءِ KCB

ٽرڪن لاءِ KCT

ٽيڪسن لاءِ KCX

اسڪوٽرن ۽ موٽر سائيڪلن لاءِ KCY

موٽر سائيڪل رڪشن لاءِ KCR

مختلف گاڏين (ٽريڪٽرن/ڪرينس) لاءِ KCM

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.